# وياج

## حرمت، خباثتون، شڪ ۽ شبها

سنڌيڪار: خليل الرحمٰن شيخ


انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي .

(رجسٽرڊ)

قرآن اڪيڊمي، خيابانِ راحت، درخشان ڊيفنس فيز VI، ڪراچي .



فون نمبر: 5854036 - 5855219 فيڪس: 5840009

اي ميل: quran@fascom.com

ويب سائيٽ: www.quranacademy.com

# منسوب

انهن همت وارن مردن ۽ عورتن جي نالي
جيڪي قرآني حڪم:
وَجَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ (حج:78)
تي عمل ڪندي ۽
قدرت طرفان ڪين عطا ڪيل
پنهنجن بهترين لياقتن کي ڪتب آڻيندي
باطل نظام جي خاتمي ۽ حق جي دين جي غلبي لاءِ
جان ۽ مال سان جهاد ڪري رهيا آهن .

# فهرست


1. پيش لفظ
2. پاڪستان ۾ وياج ختم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون ۽ حڪومتي ڪردار
3. ربا ڇا آهي؟
4. وياج جي حرمت – قرآني آيتن جي روشني ۾
5. وياج جي حرمت – حديثن پاڪ جي روشني ۾
6. وياج جو خباثتون
7. اعتراض ۽ جواب

# پيش لفظ

24 جون 2002ع جو ڏينهن اسلامي جمهوري پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن هو. ان ڏينهن پاڪستان جي سپريم ڪورٽ وياج جي حوالي سان وفاقي شرعي عدالت جي 14 نومبر 1991ع جي فيصلي کي نہ رڳو ڪالعدم قرار ڏنو پر وياج جي روڪٿام جي حوالي سان ٽيهن سالن جي محنت کي بلڪل زيرو ڪري ڇڏيو. اسلام جي تعليمات مطابق عقيدن جي اعتبار سان بدترين گناهہ شرڪ آهي جنهن کي الله تعاليٰ (توبہ کان سواءِ) ڪڏهن بہ معاف نہ فرمائيندو (النساء آيتون 48 ۽ 116) ۽ عمل جي اعتبار سان سخت ترين گناهہ وياج جي ڏيتي ليتي آهي جنهن جي خلاف الله تعاليٰ ۽ رسول صہ جي طرف کان جنگ جو اعلان آهي (البقرة: آيت 279).

سپريم ڪورٽ جو فيصلو وقت جي حڪومت جي خواهشن مطابق ۽ ان جي طرفان دٻاءَ جو نتيجو آهي. ليڪن ان کان بہ وڌيڪ افسوس لائق ڳالهہ اها آهي تہ پاڪستان جا مسلمان ۽ خاص طور ديني ۽ مذهبي ڌرين جي طرف کان ان فيصلي جي خلاف ڪو اثرائتو احتجاج سامهون نہ آيو.

وائي ناڪامي متاعِ ڪاروان جاتا رها<br>
ڪاروان ڪي دل سي احساسِ زيان جاتا رها

سپريم ڪورٽ جي فيصلي خلاف ڪو احتجاج نہ ٿيڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ مجموعي طور اسان جي ديني غيرت مري چڪي آهي. ان ڪري انتهائي ضروري آهي تہ:

1. پاڪستان جي مسلمانن جي ديني غيرت کي بيدار ڪيو وڃي.
2. وياج جي خلاف انهن جي دلين ۾ نفرت پيدا ڪئي وڃي.
3. وياج جي خباثتن ۽ تباهہ ڪارين کان آگاهہ ڪيو وڃي.
4. سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جي دوران اٿاريل اعتراضن جو جواب ڏنو وڃي جن ڪيترن ئي ذهنن ۾ انتشار پيدا ڪيو آهي.

هي ڪتاب مٿين مقصدن کي سامهون رکي سهيڙيو ويو آهي. هن ڪتاب جي تياري ۾ انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي جي شعبي تصنيف ۽ تاليف هيٺين ڪتابن مان مدد ورتي آهي:

تفسير:

(i) بيان القرآن از مولانا اشرف علي ٿانوي رح
(ii) معارف القرآن از مولانا مفتي محمد شفيع رح
(iii) تفهيم القرآن از مولانا سيد ابو الاعليٰ مودودي رح
(iv) احسن البيان مولانا صلاح الدين يوسف.

ڪتاب:

(i) سود جي متبادل بنياد از شيخ محمود احمد مرحوم.

(ii) سود جو مسئلو ۽ غير سودي ماليات از محمد اڪرم خان

(iii) پاڪستان جي معيشت مان سود جي خاتمي لاءِ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي رپورٽ جو خلاصو

از ڊاڪٽر تنزيل الرّحمٰن.

(iv) اسلامي بينڪاري (انگريزي)

از ڊاڪٽر محمد عمران اشرف عثماني

(v) پاڪستان ۾ عالمي مالياتي ادارن جو ڪردار ۽ انهن جو اثر و رسوخ (خطاب) از ڊاڪٽر شاهد حسن صديقي.

دعا آهي تہ الله تعاليٰ اسان جي ان ڪوشش کي قبول فرمائي ۽ اسان کي اهو ڏينهن نصيب فرمائي جڏهن اسلامي جمهوري پاڪستان واقعي اسلامي ملڪ ٿي وڃي. آمين.

نويد احمد

اڪيڊمڪ ڊائريڪٽر

انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي.

# 1

# پاڪستان ۾ وياج جي ڏيتي ليتي کي بند ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون ۽ حڪومتي ڪردار

## :1969

اسلامي صلاحڪاري ڪائونسل ڍاڪا ۾ ڪونايل پنهنجي ڊسمبر 1969ع واري گڏجاڻي ۾ اسٽيٽ بئنڪ جي گذارش تي ملڪ ۾ رائج بئنڪاري نظام هيٺ جاري ڪيل قرض، سيونگ سرٽيفڪيٽس، پرائز بانڊ، پوسٽل لائف انشورنس اسڪيم وغيره کي وياج وارو پڌرو ڪيو ۽ عالمن ۽ ماهرن تي مشتمل هڪ اهڙي ڪميٽي بنائڻ جي تجويز ڏني جيڪا وياج کان پاڪ معاشي نظام قائم ڪرڻ لاءِ تجويزون سهيڙي سگهي.

## .1973

پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 37 ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته ملڪ جي معاشيات کي وياج جي بنياد تي ڏيتي ليتي کان جلد ۾ جلد پاڪ ڪرڻ

رياست جي ذميواري هوندي. آئين ۾ واضح طور ڄاڻايل آهي تہ 9 سالن جي عرصي ۾ ملڪ جي سموري قانوني، معاشي ۽ سماجي نظام کي اسلامي اصولن مطابق ٺاهيو ويندو.

## :1977

صدر ضياءَ الحق 29 سيپٽيمبر تي اسلامي نظرياتي ڪائونسل کي وياج کان پاڪ معيشت قائم ڪرڻ لاءِ تجويزون سهيڙڻ جو ڪم سونپيو. ڪائونسل معاشيات ۽ بئنڪاري جي ناليوارن ماهرن تي مشتمل 15 رڪنن جو هڪ پينل قائم ڪيو جنهن رات ڏينهن محنت ڪري تجويزون سهيڙيون.

## :1980

25 جون 1980ع تي اسلامي نظرياتي ڪائونسل پنهنجي قطعي رپورٽ صدر ضياءَ الحق کي پيش ڪئي، مگر ان تي عمل نہ ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب جي ڪوشش سان ان رپورٽ کي عوام جي فائدي لاءِ شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ان رپورٽ جو ترجمو صديقي ٽرسٽ (المنظر اپارٽمينٽس، 458 گارڊن ايسٽ نزد لسبيلہ چوواٽو، ڪراچي) شايع ڪيو.

## :1981

ملڪ ۾ وفاقي شرعي عدالت قائم ڪئي وئي، مگر اها پابندي لڳائي وئي تہ ڏهن سالن تائين ملڪ جا مالي معاملا عدالت جي دائري کان ٻاهر رهندا.

وياج جي متبادل طور بئنڪن ۾ مارڪ اپ ۽ پي ايل ايس کاتن جي نالي سان هڪ نظام قائم ڪيو ويو، جن کي عالمن وياج جي هڪ صورت قرار ڏنو.

## :1988

صدر ضياءَ الحق نفاذ شريعت آرڊيننس جي ذريعي 15 جون 1988ع تي هڪ اسلامي معاشي ڪميشن قائم ڪئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر احسان رشيد (ڪراچي يونيورسٽي جو اڳوڻو وائيس چانسلر) کي ان ڪميشن جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ان ڪميشن هڪ سال تائين ڪم ڪيو مگر بينظير ڀٽو جي حڪومت ۾ ان آرڊيننس کي اسيمبلي ۾ پيش نہ ڪيو ويو ۽ اها ڪميشن بہ ختم ٿي وئي.

## :1991

غير ملڪي قرضن کان ڇوٽڪارو ۽ پاڻ ڀرو (Self Sufficient) ٿيڻ لاءِ نواز شريف جي حڪم تي پروفيسر خورشيد احمد جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وئي، جنهن گهٽ مدت ۾ گهڻو ڪم ڪري پنهنجي رپورٽ 10 اپريل 1991ع تي پيش ڪئي.

ملڪي معيشت کي اسلامي ڍانچي ۾ پوئڻ لاءِ نوازشريف جي حڪومت 11 مئي 1991ع تي اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جي سربراهي ۾ هڪ ڪميشن قائم ڪئي. ان ڪميشن گهڻو ڪم ڪيو مگر بينظير ڀٽو جي حڪومت جي ٻي دور ۾ ان ڪميشن جو ڪم تعطل جو شڪار ٿي ويو.

نواز شريف پنهنجي حڪومت جي پهرين دور ۾ مولانا عبدالستار خان نيازي جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪميٽي کي وياج کان پاڪ معيشت لاءِ تجويزون سهيڙڻ جو ڪم سونپيو. ان ڪميٽي بہ پنهنجون سهيڙيل تجويزون پيش ڪيون.

14 نومبر 1991ع تي وفاقي شرعي عدالت جسٽس تنزيل الرحمٰن جي سربراهي ۾ ڏگهي ٻڌڻي کان پوءِ بئنڪ انٽريسٽ (Bank Interest) کي ربا قرار ڏنو ۽ حڪومت کي ڇهن مهينن جي مهلت ڏني تہ جيئن اها ملڪي معيشت کي وياج کان پاڪ ڪري. عدالت ۾ ٻڌڻي (Hearing) دؤران ملڪي معيشت جا مشهور ماهر، وڪيل ۽ عالم پيش ٿيا.

نواز شريف جي حڪومت وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي، ۽ اڳين انن سالن تائين ان اپيل جي ٻڌڻي نہ ٿي سگهي. نتيجي ۾ معاملو تعطل جو شڪار ٿي ويو.

## :1999

سپريم ڪورٽ جي شريعت اپيليٽ بئنچ 1991ع واري وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي جي خلاف داخل ڪيل حڪومتي اپيل جي ٻڌڻي ڪئي. 23 ڊسمبر 1991ع تي حڪومت جي اپيل مسترد ڪندي وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي جي پنيرائي ڪئي ۽ حڪومت کي وياج جي خاتمي لاءِ 30 جون 2001ع تائين مهلت ڏني. حڪومت رازداري سان ان فيصلي جي خلاف هڪ سرڪاري بئنڪ يو بي ايل جي ذريعي نظر ثاني جي اپيل داخل ڪئي.

## :2001

جون ۾ حڪومت يو بي ايل جي ذريعي سپريم ڪورٽ کان وياج واري معيشت جي خاتمي جي لاءِ وڌيڪ مهلت گهري ۽ سپريم ڪورٽ حڪومت کي وڌيڪ هڪ سال جي مهلت ڏئي ڇڏي.

## :2002

مئي مهيني جي شروعات ۾ ايڊووڪيٽ جنرل آف پاڪستان حڪومت جي ان موقف جو اظهار ڪيو تہ هاڻي حڪومت اهڙن عالمن جي راين مان فائدو وٺندي جيڪي بئنڪ انٽريسٽ کي ربا نٿا سمجهن. ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب ان مؤقف تي هڪ اخباري اشتهار جي ذريعي هيٺين ردعمل جو اظهار ڪيو.

> ”هڪ طرف ڀارتي فوجون اسان جي سرحدن تي بيٺل آهن ۽ ٻي تابي سان حملي جي حڪم جو انتظار ڪري رهيون آهن، ۽ ٻي طرف اسان جي حڪومت الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ سان لڙائي کي جاري رکڻ لاءِ نيون چالون سوچي رهي آهي.“

## پاڪستان جي ديني ۽ مذهبي قيادت

ايڊووڪيٽ جنرل آف پاڪستان جي ان بيان جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي ته:

> ”پهريائين وياج جي معملي جي سلسلي ۾ نظرثاني جي اپيل تي زور ڏنو ويندو ۽ اهڙن ”عالمن“ جي راين مان فائدو ڪنيو ويندو جيڪي ٻئنڪ جي وياج کي ”ربا“ نٿا سمجهن ۽ ٻيو ته ڪجهه اهڙن مسلمان ملڪن جي مثالن مان رهنمائي حاصل ڪئي ويندي جتي غير وياج سان گڏ وياج جي بنياد تي بئنڪنگ به جاري آهي.“

۽ حڪومت ڪان زوردار گهُر ڪري ته 30 جون ڪان اڳ سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عمل کي يقيني بڻايو وڃي!!

واضح هجي ته ان موقعي تي عالم ۽ مشائخ ۽ ديني ۽ مذهبي جماعتن جي خاموشي تي سندن مٿان سورة مائده جي آيت 63 جا اهي لفظ پورا نهڪي ايندا ته: ”

لَوْ لَا يَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَ اَكْلِهِمُ السُّحْتَ

> ”چو نٿا روڪين انهن کي انهن جا مشائخ ۽ عالم گناهه جي ڳالهه چوڻ ۽ حرام کائڻ ڪان.“

بدقسمتي سان ملڪ جي ديني ۽ مذهبي قيادت ڊاڪٽر صاحب جي اپيل تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو ۽ حڪومت اڳين اپاءَ واسطي عالمي سطح جي مشهور ديني عالم ۽ فقهه جي ماهر جسٽس تقي عثماني صاحب کي ڪنهن سبب ڄاڻائڻ کان سواءِ عهدي تان سبڪدوش ڪيو ۽ هن جي جاءِ تي ٻن غير مشهور ماڻهن کي سپريم ڪورٽ جي شريعت اپيليٽ بئنچ جو جج مقرر ڪيو.

6 جون کان سپريم ڪورٽ جي شريعت اپيليٽ بئنچ يو بي ايل جي طرفان دائر ڪيل نظرثاني جي اپيل جي ٻڌڻي شروع ڪئي. سپريم ڪورٽ جي قاعدن مطابق ڪنهن فيصلي جي خلاف نظرثاني جي اپيل جي ٻڌڻي اها ئي بئنچ ڪري سگهي ٿي جنهن اهو فيصلو ڏنو هجي. مگر ڪيس جي ٻڌڻي هڪ اهڙي بئنچ هلائي جيڪا ان لاءِ مجاز نه هئي. ديني جماعتن

جي وڪيلن پهرين ڏينهن بئنڄ جي جوڙ جڪ جي حوالي سان اهو اعتراض اٿاريو ۽ عدالت کان اها گهُر ٻہ ڪئي تہ ٻڌڻي کان پهريائين اها انهن مڙني ڌرين کي نوٽيس ڏي، جيڪي ان کان اڳ ان معاملي ۾ ڌريون رهيون آهن. عدالت جواب ڏنو تہ پهريائين اپيل جو ٻڌڻ لائق هئڻ جو جائزو وٺندي ۽ پوءِ ٻڌڻي شروع ڪندي مگر ائين نہ ڪيو ويو.

ٻڌڻي جي دؤران سرڪاري وڪيلن وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي جي خلاف ڪجهہ نوان نُڪتا ڪنيا. عدل جي تقاضا هُئي تہ انهن نُڪتن جا جواب تيار ڪرڻ ۽ پوءِ تفصيلي ٻڌڻي جي لاءِ عدالت عالمن ۽ ديني جماعتن جي وڪيلن کي وقت ڏئي ها مگر عدالت تڪڙ کان ڪم وٺندي شرعي عدالت جي تاريخي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو.

**اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ!**

## ربا ڇا آهي؟

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آهي:

" وَإِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوسُ أَمْوَالِكُمْ "

ترجمو: "۽ جيڪڏهن توهان (وياج کان) مڙي وڃو تہ توهان جي لاءِ آهي توهان جو اصلي مال (Principal)."

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جو قول آهي:

''كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفَعَةً فَهُوَ رِبٰوا''

قرضن تي حاصل ڪيل اضافو ربا آهي.
(الجامع الصغير حوالو معارف القرآن)

ان قرآني آيت ۽ نبي ڪريم صلعم جن جي قول جي روشني ۾ فقيهن ربا جي وصف هيٺين ريت بيان ڪئي آهي:

"هُوَ الْقَرْضُ الْمَشْرُوْطُ فِيْهِ الْاَجَلُ
وَ زِيَادَةُ مَالٍ عَلَى الْمُسْتَقْرِضِ"

اهڙو قرض جيڪو ڪنهن مدت جي لاءِ ان شرط تي ڏنو وڃي تہ قرض ڪٽندڙ هن کي اصلي مال ۾ اضافي سان گڏ ادا ڪندو.
(احڪام القرآن، ليڪڪ امام حصاص)

## وياج جي حرمت
## قرآني آيتن جي روشني ۾

1- سورة الروم آيت: 39، 6 نبوي ص ۾ نازل ٿي.

وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ج
وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ O

توهان جيڪو مال ڏيو ٿا وياج تي تہ وڌندو رهي ماڻهن جي مال ۾، سو اهو نٿو وڌي الله وٽ ۽ جيڪو ڏيو ٿا زڪوات جي طور تي تہ جيئن الله جي رضا حاصل ڪيو تہ اهڙا مال وڌندا رهندا.

2- سورة آل عمران آيت: 130، 131. 3 هجري ۾ نازل ٿي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوٓا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً ص وَاتَّقُوا اللّٰهَ
لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ O وَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ O

اي ايمان وارؤ، نہ کائو وياج وڌندڙ چڙهندڙ ۽ الله جي نافرماني کان بچو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿي سگهو. بچو ان باھ کان جيڪا تيار ڪئي وئي آهي، ڪافرن جي لاءِ.

3- سورة النساء آيتون 160 – 161، 5 هجري ۾ نازل ٿيون.

فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ
وَ بِصَدِّ هِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَثِيْرًاOوَاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ
اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ ط وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًاO

بس يهود جي ظلم سبب اسان انهن تي پاڪيزه شيون حرام ڪيون جيڪي پهريائين انهن تي حلال هيون.

4- سورة البقره آيتون 275-276، 9 هجري ۾ نازل ٿيون.

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِىْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ
مِنَ الْمَسِّ ط ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْآ اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا وَاَحَلَّ اللّٰهُ
الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ط فَمَنْ جَآءَ هٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَاسَلَفَ ط
وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ط وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَO
يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِى الصَّدَقٰتِ ط وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍO

ترجمو: ”جيڪي ماڻهو وياج کائن ٿا، اهي نہ اٿندا (قيامت جي ڏينهن) مگر جيئن اٿندو آهي اهو شخص جنهن جا حواس چٽ ڪيا هجن شيطان (جن) چنبڙڻ سان. اهو ان ڪري جو انهن چيو تہ واپار بہ ائين آهي، جيئن وياج رڳو، ۽ حلال ڪيو الله واپار کي ۽ حرام ڪيو وياج کي. پوءِ جنهن کي پهتي نصيحت پنهنجي رب جي ۽ جهلجي ويو تہ ان لاءِ آهي جيڪي اڳ ۾ ٿي چڪو ۽ ان جو حڪم الله جي اختيار آهي ۽ جيڪو وري وياج وٺندو تہ پوءِ اهي ئي دوزخ وارا آهن، اُهي ان ۾ هميشہ رهندا. ميٽي ٿو الله وياج کي ۽ وڌائي ٿو خيرات کي. ۽ الله نہ ٿو پسند ڪري ڪنهن نا شڪر گذار گنهگار کي.“

5- سورة البقره آيتون 278-281، 9 هجري ۾ نازل ٿيون.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِىَ مِنَ الرِّبٰوا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَO
فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ج وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ

اَمْوَالِكُمْ ج لاَ تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَO وَاِنْ كَانَ ذُوْا عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ط وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَO وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لاَ يُظْلَمُوْنَO

ترجمو: "اي ايمان وارو ڊڄو الله کان ۽ ڇڏي ڏيو جيڪي رهجي ويو آهي وياج مان جيڪڏهن اوهان کي يقين آهي. پوءِ جيڪڏهن (ائين) نه ٿا ڪريو ته پوءِ تيار ٿيو الله ۽ ان جي رسول سان وڙهڻ لاءِ ۽ جيڪڏهن توبه ڪريو ته اوهان لاءِ اصل مال جي موڙي آهي نه اوهين ڪنهن تي ظلم ڪريو ۽ نه اوهان تي ظلم ڪيو وڃي. ۽ جيڪڏهن هڪ شخص آهي تنگي وارو ته مهلت ڏيڻ گهرجي آسودگي ٿيڻ تائين ۽ جيڪڏهن بخشي ڇڏيو ته اوهان لاءِ چڱو آهي جيڪڏهن اوهان کي سمجهه آهي. ۽ ڊڄندا رهو ان ڏينهن کان جنهن ۾ موٽايا ويندؤ الله ڏانهن پوءِ پورو ملندو هر هڪ ماڻهو کي جيڪي هن ڪمايو ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويندو."

## وياج جي حرمت
## حديثن پاڪ جي روشني ۾

1- عَنْ جَابِرٍ، قَالَ لَعَنَ رَسُوْلُ اللّٰهِ اٰكِلَ الرِّبٰوا وَمُوْكِلَهٗ وَكَاتِبَهٗ وَشَاهِدَيْهِ وَقَالَ هُمْ سَوَاءٌ (مسلم)

حضرت جابر رضه کان روايت آهي، چون ٿا ته رسول الله صه لعنت ڪئي وياج وٺندڙ ۽ کائيندڙ ۽ کارائيندڙ تي ۽ ان جي لکڻ واري تي، ۽ ان جي شاهدن تي ۽ پاڻ سڳورن صه جن فرمايو (گناهه جي شرڪت ۾) اهي سڀ برابر آهن.

2 – عَنْ اَبِی هُرَيْرَةَ ؓ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ؐ اَلرِّبٰوا سَبْعُوْنَ حُوْ بًااَيْسَرُهَا اَنْ يَّنْكِحَ الرَّجُلُ اُمَّهٗ (ابن ما جه)

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي چون ٿا الله جي رصول صہ فرمايو وياج خوري جي گناهہ جا ستر حصا آهن انهن ۾ ادنيٰ ۾ معمولي اهڙو آهي جيئن پنهنجي ماءُ سان منهن ڪارو ڪرڻ.

3 - عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ حَنْظَلَةَ ؓ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ؐ دِرْهَمُ رِبًا يَّاْكُلُهُ الرَّجُلُ وَ هُوَ يَعْلَمُ اَشَدُّ مِنْ سِتَّةٍ وَّ ثَلٰثِيْنَ زِنْيَةً (مسند احمد)

حضرت عبدالله بن حنظلہ چون ٿا تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ وياج جو هڪ درهم، جنهن کي ماڻهو ڄاڻي واڻي کائي ٿو ڇٽيهہ ڀيرا زنا کان وڌيڪ گناهہ رکي ٿو.

4 – عَنْ اَبِی هُرَيْرَةَ ؓ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ؐ " اِجْتَنِبُوا السَّبْعَ الْمُوْبِقَاتِ " قَالُوا يَا رَسُولَ اللّٰهِ وَمَاهُنَّ ؟قَالَ " اَلشِّرْكُ بِا للّٰهِ "وَالسِّحْرُ وَقَتْلُ النَّفْسَ الَّتِیْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَكْلُ الرِّبٰوا وَاَكْلُ مَالَ الْيَتِيْمِ وَالتَّوَلِّی يَوْمَ الزَّحْفِ وَقَذْفُ الْمُحْصَنَا تِ الْغَافِلاَ تِ الْمُؤْمِنَاتِ (مسلم)

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي چون ٿا الله جي رسول صہ فرمايو ست مهلڪ ۽ تباهہ ڪندڙ گناهن کان بچو. انهن پڇا ڪئي يا رسول الله صہ اهي ڪهڙا ست گناهہ آهن؟ اوهان صہ ارشاد فرمايو الله سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ۽ جادو ڪرڻ ۽ ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ ۽ وياج کائڻ ۽ يتيم جو مال کائڻ ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ جهاد ۾ اسلامي لشڪر جو ساٿ ڇڏي پڇي وڃڻ ۽ الله جي پاڪ دامن ٻانهين تي زنا جو الزام لڳائڻ.

5 – عَنْ اَبِی هُرَیْرَةَ ؓ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اَتَیْتُ لَیْلَةَ اُسْرِیَ بِیْ عَلٰی قَوْمٍ بُطُوْنُهُمْ کَالْبُیُوْتِ فِیْهَا الْحَیَّاتُ تُرٰی مِنْ خَارِجِ بُطُوْنِهِمْ فَقُلْتُ مَنْ هٰؤُلَآءِ یَا جِبْرَئِیْلُ ؟ قَالَ هٰؤُلَآءِ اَکَلَةُ الرِّبٰوا (ابن ما جه)

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي، چون ٿا تہ الله جي رسول صہ فرمايو معراج جي رات منهنجو گذر هڪ اهڙي گروهہ تي ٿيو جن جا پيٽ گھرن وانگر هئا، انهن ۾ نانگ پريل آهن جيڪي ٻاهران نظر اچن ٿا. مان پڇيو جبرائيل هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ انهن ٻڌايو، اهي وياج خور ماڻهو آهن.

6 – عَنْ سُمْرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ ؓ قَالَ قَالَ نَبِیُّ اللهِ ﷺ رَأَیْتُ لَیْلَةَ اُسْرِیَ بِیْ رَجُلًا یَسْبَحُ فِیْ نَهْرٍ وَیُلْقَمُ الْحِجَارَةَ فَسَاَلْتُ مَا هٰذَا ! فَقِیْلَ لِیْ اٰکِلُ الرِّبٰوا (مسند احمد)

حضرت سمره بن جندب رضہ کان روايت آهي چون ٿا الله جي نبي صہ فرمايو معراج جي رات مان ڏٺو هڪ شخص دريا ۾ تري رهيو آهي ۽ هن کي پٿرن سان ماريو وڃي پيو. مان پڇيو هي ڇا آهي! مون کي ٻڌايو ويو هي وياج کائڻ وارو آهي.

7 – عَنِ ابْنِ مَسْعُوْدٍ ؓ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اِنَّ الرِّبٰوا وَاِنْ کَثُرَ فَاِنَّ عَاقِبَتَهٗ تَصِیْرُ اِلٰی قَلٍّ (ابن ما جه ، مسند احمد)

حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان روايت آهي، چون ٿا رسول الله صہ فرمايو وياج جيتوڻيڪ ڪيترو ئي زياده ٿي وڃي مگر ان جو آخري انجام قلت ۽ گھٽتائي آهي.

8 – عَنْ اَبِیْ هُرَیْرَةَ ؓ عَنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ؐ لَیَاْتِیَنَّ عَلَی النَّا سِ زَمَانٌ لَا یَبْقٰی اَحَدٌ اِلَّا اٰکِلَ الرِّبٰوا فَاِنْ لَّمْ یَاْ کُلْهُ اَصَا بَهٗ مِنْ غُبَارِهٖ (ابن ما جه)

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي الله جي رسول صہ فرمايو تہ يقيناً ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو تہ ڪو بہ نہ بچندو مگر هو وياج کائڻ وارو هوندو جيڪو پاڻ وياج نہ کائيندو هوندو تہ ان جي مٽي جي دز ضرور هن جي اندر پهچندي.

## وياج جون خباثتون

جڏهن وياج کي سيڙ پڪاري جي بنياد طور قبول ڪيو وڃي تہ ان جون خباثتون ايترن طرفن کان ظاهر ٿينديون آهن ۽ اهڙي طرح انسان جي خوشحالي تي حملو ڪنديون آهن تہ ان جو انتهائي مختصر ذڪر بہ " فَأْذَنُوا بِحَرْبٍ مِنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ " جو مفهوم سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي. هيٺ وياج جي تباهہ ڪارين جو هڪ مجموعي جائزو پيش ڪيو وڃي ٿو.

### 1- محنت جي ناقدري — سرمايي جي برتري

دنيا ۾ هر ڪم لاءِ محنت ۽ سرمايو لڳائڻو پئي ٿو چاهي ان ڪم جو تعلق صنعت ۽ حرفت سان هجي يا زراعت ۽ تجارت سان ڪو بہ اهڙو ڪم نہ آهي جنهن ۾ نقصان جو خطرو نہ هجي. مگر سرمائيدار وياج جي سبب هميشہ هڪ لازمي اضافي جو حقدار هوندو آهي ۽ هن کي ڪنهن بہ نقصان جو خطرو نہ هوندو آهي. انساني محنت ضايع بہ ٿي وڃي تڏهن بہ سرمائيدار پنهنجو وياج ڇڏڻ تي تيار نہ هوندو آهي. اها صورتحال عقل، منطق ۽ اخلاقيات يعني هر اعتبار کان غير منصفاڻي آهي.

### 2- تهذيب ۽ تمدن جو قتل:-

وياج جي نظام جو عملي طريقو اصل ۾ انسانيت تي سرمايي جي ترجيح کي قبول ڪرڻ جو اعلان آهي. اهو ئي سبب آهي تہ نئين تهذيب ۾

شرافت، همدردي، حلال رزق ۽ انسان جي قيمت ڪرندي وجي ٿي ۽ لالچ، حرص، لٽ مار ۽ فرادِ سبِ ڪان اثرائتا ۽ تازه جذبا بڻجي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وياج تي قرض وٺندڙ جي سموري ڪمائي، وسيلا ايستائين تہ گھر ۽ گھر ۾ موجود زندگي جي ضرورتن تي بہ قبضو ڪيو ويندو آهي. صورتحال ايتري سنگين ٿي ويندي آهي تہ انسان جو آپگھات تي ۽ پنهنجن ٻک ڪان روئيندڙ ٻارن کي پنهنجن هٿن سان قتل ڪرڻ تي مجبور ٿي وجي ٿو. چاهي ضرورتمند بيماري، بک ڪان تڙپي رهيو هجي يا بيروزگار پنهنجي زندگي مان بيزار هجي وياج ڪائيندڙ جي سنگدلي جي اها حالت هوندي آهي تہ هن کي رڳو پنهنجي نفعي سان مطلب هوندو آهي.

## 3- ٻئي جي ڪمائي تي هڪ هڻي:

وياج ڪائيندڙ رڳو مال ڏئي ڪنهن محنت ۽ مشقت ڪانسواءِ ٻين جي ڪمائي جي هڪ غالب حصي ۾ شريڪ ٿي وجي ٿو. هن جو سرمايو محفوظ هئڻ سان گڏ وڌندو بہ رهي ٿو، جڏهن تہ قرضي کي ملندڙ نفعو ڪڏهن ڪڏهن ڊگھي مدت (Long Term Period) ۾ وياج جي ادائگي جي نظر ٿي وجي ٿو.

## 4- خود غرضي ۽ مفاد پرستي:-

وياج ڪائيندڙ کي جيئن تہ هڪ مقرر ڪيل شرح تي وياج ملي ٿو. ان ڪري هن کي ڪاروبار جي ترقي يا مندي سان ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي آهي. هو تمام خود غرضي سان رڳو پنهنجي مال تي نظر رکندو آهي. اگر ڪڏهن مارڪيٽ ۾ لاٿ جو خطرو هوندو آهي تہ هڪدم پنهنجو مال ڪڍي وٺندو آهي ۽ سرمايي جي گھٽتائي سبب پيداواري عمل تي خراب اثر پوندا آهن. وياج ڪائيندڙ جي خودغرضي جي اها انتها آهي تہ هن کي ملڪي ۽ قومي مفادن تي بہ ذاتي مفاد پيارا هوندا آهن. پاڪستان تي هن وقت پرڏيهي قرض 40 ارب ڊالرز تائين پهچي چڪو آهي ۽ ڪجھہ پاڪستانين جي غير ملڪي بئنڪن ۾ جمع ٿيل رقم 100 ارب ڊالرز ڪان وڌيڪ آهي. مسلم ملڪن تي ڪل پرڏيهي قرض هن وقت 700 ارب ڊالرز آهن جڏهن تہ

مسلم ملڪن جي امير شخصن جو 1000 ارب ڊالرز کان وڌيڪ سرمايو مغربي بئنڪن ۾ رکيل آهي.

## 5- وياج تي قرض – نقصان جو ڪارڻ:

دنيا جو ڪو به ڪاروبار اهڙو نه آهي جنهن ۾ خطرا نه آهن. ليڪن ڪنهن ڪاروبار جي لاءِ وياج تي قرض وٺڻ پنهنجي اندر هڪ تمام وڏو ڪاروباري خطرو آهي جنهن ۾ لازمي طور هڪ مقرر شرح تي وياج ادا ڪرڻو هوندو آهي، چاهي ڪاروبار ۾ منافعو ٿئي يا نه.

## 6- ناجائز منافعي خوري:

وياج تي قرض وٺي ڏيندڙ ڪاروبار ۾ نه رڳو وياج پر ان جي سبب پيدا ٿيندڙ ٻين خطرن (Risks) ۽ ادائگين (Payments) جي لاءِ وسيلا مهيا ڪرڻ کي نظر ۾ رکندي منافعي جي شرح کي وڌيڪ رکيو ويندو آهي. ان مان اهڙن ماڻهن جيڪي ان قسم جو ڪاروبار پنهنجي سرمائي سان ڪن ٿا، حد کان وڌيڪ منافعو ڪمائڻ جو موقعو مهيا اچي ويندو آهي.

## 7- مهانگائي ۾ اضافو:

شين جي قيمت جو ڪاٿو لڳائڻ وقت ٻين خرچن سان گڏ وياج جي ادائگي ۽ وياج جي سبب ٻين خطرن (Risks) جي پيش بندي جي لاءِ حد کان وڌيڪ منافعو به شامل ڪيو ويندو آهي جنهن سان شين جي مجموعي قيمت ۾ اضافو ٿيندو آهي. جيڪڏهن شين جي تياري جي لاءِ ڪچو مال مهيا ڪندڙ، شيون تيار ڪندڙ، شين کي مارڪيٽ ۾ مهيا ڪندڙ ۽ شين کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪندڙ، سڀ وياج جي قرضن تي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري رهيا هجن ته اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هر سطح تي وياج جي سبب شين جي قيمت ۾ ڪيتري قدر اضافو ٿيندو. مثال طور ڊسمبر 1988ع ۾ پاڪستان عالمي مالياتي ادارن سان گڏ Structural Adjustment Program جو ناهه ڪيو. ان جي سبب وياج جي قرضن ۽ وياج جي ادائگين ۾ زبردست اضافو ٿيو ۽ نتيجي ۾ قيمتن ۾ 500 کان 700 سيڪڙا اضافو ٿيو.

## 8- شين جي ڪرائي ۾ اضافو:-

وياج جي سبب هر شي جي ڪرائي ۾ اضافو ٿئي ٿو، پوءِ اهو دوڪان، مشينري، ڪارخانو يا چرپر جا ذريعا هجن، چاڪاڻ تہ انهن سيني ماليت ۾ وياج شامل هوندو آهي. ان ڪان علاوه ڀڃ ڊاهہ (Wear & Tear) جي خرچ (Depreciation) سان گڏ ڪرائي جي ذريعي بہ منافعي جي سطح کي وڌيڪ بلند رکڻ جي بنياد مهيا ٿي وڃي ٿي.

## 9- پورهيتن جو استحصال:

منافعي کي بلند رکڻ جي اپائن مان هڪ مزدور کي انهن جو پورو معاوضو نہ ڏيڻ بہ آهي. وياج ۽ ان جي سبب پيش ايندڙ ٻين خطرن جي پيش بندي جي لاءِ ڪاروبار جا اڪثر وسيلا استعمال ٿي وڃن ٿا. نتيجن ۾ مزدورن کي انهن جي محنت جي مناسبت سان معاوضي جي ادائيگي نٿي ڪئي وڃي. مزدورن ۾ گهٽتائي (Downsizing) ۽ پگهارن ۾ گهٽتائي (Cut Short) جو بنيادي سبب اهو هوندو آهي.

## 10- بيروزگاري ۾ اضافو:

ويهين صدي جي مشهور ماهر معاشيات پروفيسر ڪينز (Keynes) عالمي سطح تي اهو ثابت ڪيو آهي تہ وياج جي خاتمي ڪان سواءِ بيروزگاري جو خاتمو نا ممڪن آهي. وياج سرمايي جي پيداوار (Productivity) کي بري طرح متاثر ڪري ٿو. وياج ۽ ان سبب پيش ايندڙ ٻين خطرن جي پيش بندي جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ افرادي قوت کي وڌيڪ ڪان وڌيڪ منافعي جي حاصلات جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي جنهن سان بيروزگاري پيدا ٿئي ٿي. بيروزگار فرد جيڪي روزگار ۾ لڳائڻ جا خواهشمند هوندا آهن، انهن کي روزي نٿي ملي سگهي. انهن مان هر هڪ ۾ سرمايو حاصل ڪري ننڍو ڪاروبار ڪرڻ جي اهليت نہ هوندي آهي يا ننڍيءَ ڪاروبار ۾ وياج جي استحصالي بار کي سهڻ جي سگهہ نہ هوندي آهي پوءِ ننڍي ڪاروبار جي لاءِ سرمائي دار بہ قرض ڏيڻ تي راضي نہ ٿيندو آهي.

## 11- شين جي.گهرج (Demand) ۾ گهٽتائي:

وياج جي، سبب قيمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ شين جي گهُرج ايتري نہ هوندي آهي جيتري قيمتن کي صحيح سطح تي برقرار رکڻ سان ممڪن هوندي آهي. اهڙي طرح گهُرج (Demand) ۽ رسد (Supply) جو توازن برقرار نٿو رهي ۽ منڊي جي زوال (Market Decline) جو خطرو هر وقت موجود رهندو آهي.

## 12- بچتن ۽ سيڙپڪاري تي منفي اثر:

سيڙپڪاري جو دارومدار بچتن تي آهي. وياج بچتن تي سڌو سنئون اثر انداز ٿيندو آهي. وياج جي سبب قيمتن ۾ ٿيندڙ اضافو ماڻهن جي خريد جي سگهہ (Purchasing Power) کي متاثر ڪري ٿو جنهن سان بچتن جي شرح ۾ گهٽتائي اچي ٿي. ان ڪري پاڪستان ۾ 1965ع ۾ وياج جي شرح پنج سيڪڙو ۽ بچتن جي شرح 13 سيڪڙو هئي. ان جي ابتڙ 1985ع ۾ وياج جي شرح 16 کان 17 سيڪڙو جڏهن تہ بچتن جي شرح 5 سيڪڙو هئي. بچتن ۾ گهٽتائي سان سيڙپڪاري تي برا اثر پون ٿا.

## 13- سرمايي جي ڪارڪردگي تي برو اثر:

وياج سرمايي جي ڪارڪردگي تي منفي اثر وجهي ٿو. اهڙا نئا ڪم جن ۾ وياج جو بار سهڻ جي سگهہ گهٽ هوندي آهي اهي يا شروع ئي نٿا ڪري سگهجن يا شروع ڪرڻ کان پوءِ نقصان ڪٽي ڇڏٽا پون ٿا. ان منفي اثر جو نتيجو آهي تہ ڪيترن ئي قدرتي وسيلن جي ڳولها (Exploration) رڪجي وڃي ٿي.

## 14- پيداوار جي حد:-

منافعي جي سطح کي وياج جي سطح جي مطابق اوچو رکڻ جي سبب منڊي جي زوال جو خطرو موجود رهندو آهي. ان خطري کي ٽارڻ جو

هڪ طريقو اهو به آهي ته شين جي پيداوار کي محدود ڪيو وڃي. ان مقصد جي لاءِ پيداوار کي ان سطح کان اڳتي وڌڻ نٿو ڏنو وڃي جنهن سان منافعي جي بلند ترين سطح ممڪن ٿي سگهي. آمريڪا ۾ هر سال اربين ڊالرز رڳو زرعي پيداوار گهٽائڻ تي خرچ ڪيا وڃن ٿا. ايتري وڏي رقم جيئن ته وڌيڪ نه هوندي آهي انڪري اها رقم وياج جي قرض تي حاصل ڪئي ويندي آهي. انساني محنت ۽ وسيلن جي ضايع ٿيڻ جي ان کان وڌيڪ عبرتناڪ مثال شايد ئي ڪجهه هجي.

## 15- سرمايي جي گهٽي مقدار ۾ فراهمي کي روڪڻ:

سرمائيداراڻي نظام کي سڀ کان وڏو خطرو ان ڳالهه کان هوندو آهي ته سرمايو ايتريقدر گهٽو نه ٿي وڃي ته وياج ڏاڍو گهٽ يا ختم ئي ٿي وڃي. ان مقصد جي لاءِ Bank Reserve جو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي. جيتريقدر Reserve وڌيڪ هوندو، سرمايي جي فراهمي ايتريقدر گهٽ هوندي. وڌيڪ اهو ته بيروزگاري ۽ قيمتن ۾ اضافي سان بچتن تي منفي اثر ٿيندو جنهن سان سرمايي جي فراهمي هوندئن ئي محدود ٿي ويندي آهي.

## 16- حڪومت جي آمدني کان وڌيڪ خرچ:-

سرمائيدار طبقو پنهنجن مفادن جي تحفظ لاءِ حڪومتن کي احساس ڏياريندو آهي ته منڊي جي زوال (جيڪو وياج جو ئي استحصالي اهڃاڻ آهي) ۾ اضافو حڪومت جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ماڻهن کي روزگار مهيا ڪرڻ ۽ انهن جي خريد جي سگهه وڌائڻ لاءِ حڪومت کي پنهنجا خرچ آمدني کان وڌيڪ رکڻ گهرجن. دنيا جون اڪثر حڪومتون (پاڪستان سميت) سرمائيدارن جي ان ڄار ۾ گرفتار آهن. اهڙي طرح بجيٽ ۾ خساري (Budget Deficit) جي پورائي جي لاءِ اهي سرمائيدارن کان وڌيڪ وياج جا قرض وٺندا آهن جنهن جو بار پڻ عوام برداشت ڪندو آهي.

## 17- فردن، تعميري ادارن ۽ ملڪي آمدني جي اڪثر حصي تي سرمائيدارن جو قبضو:

حڪومتن کي پنهنجن چارن ۾ ڦاسائڻ ڪان پوءِ سرمائيدار طبقو انهن ئي حڪومتن کي پنهنجي استحڪام جو ذريعو بڻائيندو آهي. اهو طبقو نه رڳو فردن ۽ تعميري ادارن جي آمدني جي هڪ اڪثر حصي جو مالڪ بڻجي ويندو آهي پر ملڪي آمدني جي ان اڪثر حصي تي به قابض ٿي ويندو آهي جيڪو قرضن تي وياج جي شڪل ۾ حڪومتن کي ادا ڪرڻو پئي ٿو. اهڙي طرح هر سال ڪربين روپيا قرض ڪنيو وڃي ٿو ۽ اربين روپيا وياج ادا ڪيو وڃي ٿو.

## 18- ظالماڻي ٽئڪسن جو بار:-

حڪومت وسيلن جي ڪمي کي پورو ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا ٽئڪس لاڳو ڪندي آهي. وڏن وڏن سرمائيدارن ڪان ٽئڪس ۽ لٽيل دولت جي وصولي ته مشڪل هوندي آهي، ليڪن عام استعمال جي شين تي ٽئڪس لڳائي ۽ لازمي سهولتن (Utilities) جي قيمتن ۾ اضافو ڪري وسيلن جي حاصلات نسبتاً آسان هوندي آهي. انڪري ٽئڪس جو ظالماڻو بار عام ماڻهو تي وڌو وڃي ٿو.

## 19- دولت جي چرپر (Circulation of Wealth) تي منفي اثر:

ان ڳالهه تي عام اتفاق آهي ته معيشت جي بهتري لاءِ دولت جي گردش جو عمل جو بهتر هئڻ ۽ جاري رهڻ ضروري آهي. يعني مردو مال (Dead money) گهٽ ۾ گهٽ هئڻ کپي ۽ زنده مال (Active money) وڌيڪ ڪان وڌيڪ. مگر وياج جي استحصالي اهڃاڻن سبب دولت ڪجهه هٿن تائين محدود ٿي ويندي آهي. سرمائيدار پنهنجي ذاتي مفادن کي سامهون رکي جڏهن چاهيندا آهن سرمايو مارڪيٽ مان ڪڍي ڇڏيندا آهن جنهن سان دولت جي گردش جو عمل متاثر ٿئي ٿو ۽ معاشي واڌ جي شرح (Economic Growth Rate) تي منفي اثر پون ٿا. پاڪستان ۾ معاشي

واڌ جي شرح 1980ع ۾ 6.5 سيڪڙو هئي. 1988ع ۾ عالمي مالياتي ادارن سان ناهه ٿيو جنهن کان پوءِ 1990ع ۾ اها شرح 4.6 سيڪڙو تي وئي ۽ هاڻي مالياتي ادارن مان وڏيڪ سهڪار جي نتيجي ۾ اها شرح رڳو 3.3 سيڪڙو وڃي رهي آهي.

## 20- ملڪ ۽ قوم جي لاءِ فائديمند ڪمن جي پنيرائي نه ڪرڻ:

وياج جي معيشت ۾ اهڙن ڪمن جي لاءِ وسيلن جي فراهمي مشڪل ٿي ويندي آهي، جيڪي جيتوڻيڪ ملڪ ۽ قوم جي لاءِ ڪيترائي ضروري هوندا آهن، ليڪن غير پيداواري هجن يا جيڪي هلندڙ دؤر ۾ وياج جي شرح جو بار کڻي نه سگهن. مثلا تعليم ۽ صحت جا شعبا. تازي بجيٽ (سال 2002-2003) ۾ تعليم جي لاءِ بجيٽ جو هڪ سيڪڙو، صحت جي لاءِ 0.3 سيڪڙو ۽ وياج جي قرضن جي ادائگي لاءِ 39 سيڪڙو حصو رکيو ويو.

## 21- اجتماعي ڀلائي تي خطرناڪ اثر:-

وياج جي معاشي نظام ۾ وياج ڪائيندڙن جي هڪ گهٽ تعداد جي مفادن جي تحفظ جي ضمانت هوندي آهي. ماڻهن جي غالب آمدني تي ان جو قبضو هوندو ملڪ ۽ قوم جا اڪثر وسيلا انهن جي استعمال هيٺ هوندا آهن. مارڪيٽ ۾ سرمايي جي فراهمي رڳو انهن جي هٿن ۾ قيد هوندي آهي. قيمتن جي لاٿ ۽ چاڙهه انهن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندي آهي. اهو سڀ ڪجهه هڪ عظيم اڪثريت کي خطرن ۾ وجهي، انهن جي محنت ۽ مشقت جي ثمر کي غضب ڪري ۽ انهن کي بنيادي سهوليتن کان به محروم ڪري حاصل ڪيو ويندو آهي. ائين هڪ عظيم اڪثريت جي بد حالي ڪجهه ماڻهن جو خوشحالي جو ذريعو بڻجي ٿي. اقبال جي مطابق:

ظاهر ۾ تجارت هي، حقيقت ۾ جوا هي
سود ايڪ کا لاکون کي لئي مرگِ مفاجات

## 22- سماجي عدم استحڪام:-

وياج جي متي ڄاڻايل تباهه ڪارين جي سبب غريب، غريب تر ۽ امير، امير تر ٿيندا ويندا آهن. مولانا مناظر احسن گيلاني جي چوڻ مطابق هڪ طرف دولت جو فخر هوندو آهي ۽ ٻي طرف فقر جي ڪمزوري. معاشي استحصال جي سبب هڪ عظيم اڪثريت غربت جي سطح کان ٻه گهٽ زندگي گذارڻ تي مجبور هوندي آهي. ان غير منصفاڻي دولت جي ورهاست (Unequal distribution of wealth) جي سبب طبقاتي ورهاست (Class Distribution) پيدا ٿئي ٿي جيڪا شدت اختيار ڪري هڪ طبقاتي ڪشمڪش کي جنم ڏئي ٿي. وياج کائيندڙ سرمائيدارن ۽ عوام الناس جي مفادن ۾ تضاد هئڻ سبب انتشار جي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي جنهن سان ملڪ بد امني جو شڪار ٿي ويندو آهي. چوريون، ڌاڙا، اغوا ۽ قتل غارتگري جا واقعا وڌندا رهندا آهن. انڪري گذريل مهينن ۾ ارجنٽائن ۾ بد امني ۽ انتشار جي ڪيفيت ۽ آمريڪا، آسٽريليا، يورپ ۾ عالمي مالياتي ادارن جي خلاف زبردست ۽ تشدد سان ڀرپور مظاهرا ان بدامني جو ڪليل ثبوت آهن.

## 23- ڪميونزم جي مصيبت:-

وياج جي استحصال جي خلاف جڏهن محروم طبقا آواز اٿاريندا آهن ته وياج کائيندڙ انتهائي مسڪين صورت اختيار ڪري وٺندا آهن ۽ منافعو جيڪو وياج جي استحصال جو ظاهري اهڃاڻ آهي، مڙني معاشي برائين جي پاڙ طور اڳتي پيش ڪندا آهن. نتيجي ۾ سرمائيداري جي خلاف رد عمل وياج جي خلاف اٿرائتن اپائن جي بدران ڪميونزم جو رستو اختيار ڪري وٺندو آهي جنهن ۾ منافعي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هر قسم جي ذاتي ملڪيت ختم ڪئي ويندي آهي. زمين گهر، ۽ دوڪان وغيره سميت سڀ شيون قومي ملڪيت ۾ ورتيون وينديون آهن. مگر مزي جي ڳالهه اها آهي ته وياج کائيندڙن جي رقم نه قومي ملڪيت ۾ ورتي ويندي آهي ۽ نه وري ان تي وياج جي ادائيگي بند ٿيندي آهي. اهو دليل ڏنو ويندو آهي ته جيڪڏهن رقمون ضبط ڪنداسين ۽ وياج نه ڏينداسين ته بچتون نه ٿي سگهنديون. يعني قصور سرمائيدار ڪندو آهي ۽ سزا سيني انسانن کي

ملنديون آهي ۽ انهن کي هر قسم جي فڪري، سياسي ۽ شخصي آزادي کان محروم ڪري جبري هڪجهڙائي جي چنبي ۾ ڦاسايو ويندو آهي.

## 24- بين الاقوامي ڇڪتاڻ ۾ اضافو:-

ملڪ ۾ وياج جي سبب وڌندڙ بيروزگاري کي ختم ڪرڻ جي لاءِ مختلف شيون ٻاهر موڪلڻ ۾ اضافي ۾ ڪوششون ڪندا آهن. ان مقصد جي لاءِ سڪي جي قدر ۾ ڪمي (Devaluation) جو سهارو ورتو ويندو آهي ته جيئن عالمي منڊي ۾ شيون موڪلڻ جي قيمت ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڪري برآمدات ۾ اضافو ڪيو وڃي. مگر جيئن ته ٻيا ملڪ به ان عمل کي اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جنهن سبب ڪو به ملڪ ان رخ ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهندو آهي. ان جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن مختلف ملڪن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ (Tension) پيدا ٿي وڃي ٿي جيڪا اڳتي هلي جنگ جهڙي شدت اختيار ڪري وٺندي آهي.

## 25- عبرتناڪ بي وسي:

سرمائيدار تي وياج جي نظام کان متاثر معاشيات جي ماهرن موجوده معاشي تباهين جو علاج ۽ حل پيش ڪرڻ کان قاصر آهن. وياج جي پيدا ڪيل تباهين جو خاتمو وياج ختم ڪرڻ کان سواءِ ممڪن نه آهي. مگر جيئن ته وياج کي ختم ڪرڻ انهن کي منظور نه آهي ان ڪري ڏک مٿان ڏک ڪائيندا رهندا آهن. بيروزگاري جي خاتمي لاءِ انهن جا تجويز ڪيل سڀ علاج مهانگائي وڌائڻ ۽ مهانگائي جا سڀ علاج بيروزگاري وڌائيندڙ آهن. ان ڪري موجوده دور جي معاشيات جي وڏن وڏن مسئلن جي آڏو معاشيات جي ماهرن جي بي وسي رحم جوڳي آهي ۽ عبرت ڏيندڙ پڻ.

## 26- سڀ کان وڏيڪ خسارو:-

شاهه ولي الله دهلوي رحہ جي مطابق دولت جي غير منصفاڻي ورهاست هڪ ٻه طرفي تلوار وانگر انسانن جو استحصال ڪندي آهي. ان سان انسانن جي دنيا ۽ آخرت ٻئي تباهه ٿي وينديون آهن. سرمائيدارن جو

طبقو حرام مال تي عيش تہ ڪندو آهي ليڪن روحاني سڪون کان محروم ٿي ويندو آهي ۽ عيش ۾ الله جي ياد ۽ آخرت جي فڪر کان غافل رهندو آهي. حديث مبارڪ مطابق حرام ڪمائي سان پلجندڙ جسم دوزخ ۾ وڃڻ جو حقدار آهي (مسند احمد). ٻي طرف غريب کي زندگي جي ضرورتن جي فڪر نہ رڳو هر وقت تنگ ڪندي آهي پر آخرت جي تياري کان اڻ ڄاڻ رکندي آهي ۽ حالت ايستائين پهچندي آهي تہ حديث " اِنَّ الْفَقْرَ يكَادُ يَكُوْنُ كُفْراً " (بيشڪ ويجهو آهي تہ فقر ڪفر تائين پهچي وڃي) جي مطابق مايوسي انسان کي ڪفر ڏانهن وٺي ويندي آهي.

# اعتراض ۽ جواب

## پهريون اعتراض

سورة البقره ۾ وياج جي حرمت جي متعلق آيتون فقيرن ۽ مسڪينن جي لاءِ آهن ۽ نہ ئي انهن صنعتڪارن ۽ واپارين جي لاءِ جيڪي وڏا قرض وٺندا آهن.

## جواب:

سورة البقره آيت: 278 ۾ حڪم آهي تہ "وَذَرُوا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبوٰا" ڇڏي ڏيو جيڪو ڪجهہ وياج مان باقي بچيو آهي. ان حڪم ۾ اهڙي ڪا بہ پيٽ ڏنل ناهي تہ ربا ڪنهن کان وٺڻ جائز آهي ۽ ڪنهن کان وٺڻ منع آهي. پر هر قسم جي ربا جي منع ڪئي وئي آهي. آيت 280 ۾ فرمايو ويو تہ قرض ڪٽندڙ جو هٿ جيڪڏهن تنگ هجي تہ هن کي مهلت ڏيو. ان مان اها مراد وٺڻ تہ قرض ڪٽندڙ جو هٿ ان صورت ۾ تنگ ٿي سگهي ٿو تہ فقير هجي درست نہ آهي. اها صورت ڪنهن تاجر يا صنعتڪار لاءِ پڻ ٿي سگهي ٿي تہ هن جو مال ڪاروبار ۾ لڳل هجي ۽ فوري طور قرض جي واپسي هن لاءِ ممڪن نہ هجي. پر مهلت جو معاملو تہ ان لاءِ آهي جنهن جون معاشي حالتون بهتر ٿيڻ جي اميد هجي. فقيرن ۽ مسڪينن لاءِ تہ وڌيڪ اهو

مناسب آهي تہ " أَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ " جي هدايت تي عمل كندي هن جو قرض معاف ئي ڪري ڇڏجي.

ربا جي منع بابت جيڪي آيتون سورة البقره ۾ نازل ٿيون انهن مان آيت: 280 ۾ فرمايو ويو " لَا تَظْلِمُونَ وَلَا تُظْلَمُونَ " – نہ توهان ظلم ڪريو ۽ نہ توهان تي ظلم ڪيو وڃي. ان ڪري وياج جي منع ڪرڻ جو سبب اهو آهي تہ ان جي ذريعي انساني نسل تي ظلم ٿيندو آهي. جيڪي صنعتڪار يا واپاري بئنڪ کان وڏا وڏا قرض وٺندا آهن، ڇا اهي وياج پنهنجي کيسي مان ادا ڪندا آهن؟ اهي صنعتي طور تيار ٿيل مال يا واپار جي مال جي قيمت ۾ وياج ڪي بہ شامل ڪندا آهن. ان ڪري اصلي بار تہ خريدارن تي ايندو آهي جنهن ۾ امير ۽ غريب سڀ شامل هوندا آهن. ان کان پوءِ ڇا قرض وٺندڙ صنعتڪارن يا واپارين جو نفعو يقيني هوندو آهي تہ اهي بئنڪ کي لازمي طور قرض سان گڏ اضافو بہ ادا ڪن. ظلم جي هڪ شڪل اها بہ آهي تہ هڪ ڌر (يعني بئنڪ) جي نفعي جي ضمانت هجي ۽ ٻي جي نفعي جي ڪا ضمانت نہ هجي.

بئنڪ رڳو واپار ۽ صنعتي قرضن تي وياج وصول نہ ڪندا آهن پر ٻين قرضن تي بہ وياج وصول ڪندا آهن. مثال طور حڪومت جيڪو قرض بئنڪن کان وٺي ٿي ان مان وڏو حصو بچاءَ ۽ غير ترقياتي ڪمن لاءِ هوندو آهي. اهڙي طرح عام شهري بہ بئنڪن کان گهرن جي تعمير، سوارين جي حاصلات، گهريلو شين جي خريداري ۽ شادي جي رسمن وغيره جي لاءِ قرض وٺن ٿا.

## ٻيو اعتراض

سورة آل عمران آيت 130 ۾ چيو ويو آهي تہ ٻيڻو چوڻو ربا نہ وٺو. يعني مناسب ربا وٺڻ جائز آهي.

**جواب:–**

سورة آل عمران جي هي آيت اُحد جي جنگ کان پوءِ 3 هجري ۾ نازل ٿي. ان آيت ۾ ڏنل حڪم عبوري دور لاءِ هو. وياج جي منع ڪرڻ جو قطعي حڪم 9 هجري ۾ سورة البقره جي آيتن 275 – 280 ۾ نازل ٿيو.

سورة آل عمران جي ان آيت ۾ عبوري دور لاءِ حڪم ڏنو ويو هو تہ مرڪب وياج يعني وياج مٿان وياج وٺڻ ڇڏي ڏيو. ڪنهن اهڙي حڪم جيڪو عبوري دور جي لاءِ هجي قانون يا دليل نٿو بڻائي سگهجي. مثال طور شراب جي حرمت جي حوالي سان ڪو سوره نساءَ جي آيت 43 کي دليل نٿو بڻائي سگهي. " لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَأَنْتُمْ سُكَارٰى " (نماز جي ويجهو نہ وڃو جڏهن اوهان نشي جي حالت ۾ هجو). ڪوائين نٿو چئي سگهي تہ ان آيت جي حڪم تي عمل ڪندي رڳو نماز جي مسئلن ۾ شراب پيئڻ کان پرهيز ڪندس. وياج جي منع ڪرڻ جي حوالي سان قطعي حڪم سورة البقره جي آيت 278 ۾ آهي تہ " وَذَرُوا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوا " جيڪو ڪجهہ وياج مان رهجي ويو آهي اهو ڇڏي ڏيو. قرض وٺندڙ اصلي رقم (Principal money) واپس وٺڻ جو حقدار آهي جيئن سورة بقر جي آيت 279 ۾ فرمايو ويو " فَلَكُمْ رُءُوسُ أَمْوَالِكُمْ " يعني توهان جي لاءِ رڳو اصلي رقم آهي. اصلي رقم کان وڌيڪ جيڪو بہ حاصل ڪيو وڃي اهو ظلم آهي جيئن هن آيت ۾ فرمايو ويو " لَا تَظْلِمُونَ وَلَا تُظْلَمُونَ " نہ توهان ظلم ڪريو ۽ نہ توهان مٿان ظلم ڪيو وڃي. ان کان علاوه آيت ۾ "وڌندڙ چڙهندڙ وياج نہ وٺو". جا لفظ مرڪب وياج جي سڃاڻپ ۽ خباثت ظاهر ڪرڻ لاءِ آهن نہ وري مناسب حد تائين وياج وٺڻ جي ڪارڻ جي لاءِ. سورة مائده آيت 44 ۾ الله تعالىٰ جو حڪم آهي تہ "منهنجين آيتن جي بدلي ۾ ثوري قيمت نہ وٺو". ان جو مطلب اهو آهي تہ الله تعالىٰ جي آيتن جي بدلي ۾ چاهي ڪيتري ئي دنيا ڪمائي وڃي ان جي ڪا حيثيت نہ آهي. ان آيت جو اهو مفهوم نہ آهي تہ الله جي آيتن جي بدلي ۾ گهٽ قيمت وٺڻ حرام ۽ وڌيڪ قيمت وٺڻ جائز آهي.

سورة آل عمران آيت 130 کي دليل بڻائي جيڪڏهن ڪو مفرد وياج کي جائز سمجهڻ لڳي تہ وياج مان حاصل ٿيندڙ رقم کي ٻيهر قرض طور ڏيڻ سان مرڪب وياج جي صورتحال پيدا ٿي ويندي.

## ٽيون اعتراض

بئنڪن جو ڪم ربا نہ پر واپار جي مفهوم ۾ اچي ٿو جنهن کي الله تعاليٰ حلال قرار ڏنو آهي.

جواب:

بئنڪون واپار نٿيون ڪن ۽ رڳو قرض ڏين ٿيون. واپار ۾ سرمايي ۽ شين جي مٽا سٽا ٿيندي آهي. نفعي جي حاصلات لاءِ ذهني ۽ جسماني محنت ڪرڻي پئي ٿي ۽ ڪنهن وقت بہ نقصان جو خطرو (Risk) هوندو آهي. بئنڪ جيڪو قرض ڏئي ٿو انهن ۾ اهي معاملا نٿا ملن. ڏنل قرض تي بئنڪ لازمي طور اضافو جو طلبگار هوندو آهي ۽ اهو ئي ربا آهي.

معارف القرآن ۾ مفتي محمد شفيع صاحب رحہ الجامع الصغير ۾ ربا جي وصف بڌائيندي نبي صہ جي چوڻي لکي آهي:

''كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفَعَةً فَهُوَ رِبٰوا''

قرض تي ورتل اضافو ربا آهي.

انڪري بئنڪن جو ڪم واپار نہ پر ربا جي دائري ۾ اچي ٿو. ان حقيقت کي اهو شخص بہ ڄاڻي ٿو جيڪو بئنڪنگ جي ڏيتي ليتي بابت سطحي ڄاڻ رکي ٿو. جيڪي ماڻهو ڄاڻي واڻي بئنڪ جي ربا کي واپار قرار ڏئي رهيا آهن انهن جو ذڪر سورة بقر آيت: 275 ۾ ان طرح آيو آهي " قَالُوآ اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا " (انهن چيو تہ واپار بہ ربا وانگر آهي) جواب ۾ الله تعاليٰ فرمايو " وَاَحَلَّ اللهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا " (الله واپار کي حلال ۽ وياج کي حرام قرار ڏنو آهي). اڳين آيت ۾ ان طرح جي ڳالهہ ڪندڙن کي ڪافر چيو ويو آهي. ان ڪري مولانا اشرف علي ٿانوي رحہ چواڻي اهڙي طرح جو چوڻ ڪفر جي دلالت ڪري ٿو.

## چوٿون اعتراض:

واپاري / صنعتي قرضن تي وياج ربا جي دائري ۾ نٿو اچي.

## جواب:

واپار لاءِ قرض هجي يا صنعت يا ذاتي ضرورتن جي لاءِ جيڪڏهن ان معاملي ۾ قرض ڪٽندڙ کان اضافو وصول ڪيو وڃي ٿو ته اهو ربا آهي ۽ قرض ڪٽندڙ تي ظلم آهي. واپار ۽ صنعتي قرضن ۾ ٻن رخن کان ظلم جو انديشو هوندو آهي:

1- جيڪو صنعتڪار يا واپاري بئنڪ کان وياج وارو قرض وٺي ٿو اهو صنعتي طور تي تيار ٿيل مال يا واپار جي مال جي قيمت ۾ وياج کي به شامل ڪن ٿا. ان ۾ جيڪا مهانگائي ٿئي ٿي ان جو بار عام ماڻهن تي پئي ٿو.

2- صنعتي يا واپار لاءِ قرض ڪٽندڙ کي ڪڏهن ڪڏهن نقصان ٿيندو آهي ليڪن هن کي بئنڪ کي قرض سان گڏ لازمي اضافو پوءِ به ادا ڪرڻو پئي ٿو جيڪو ظلم آهي.

## پنجون اعتراض:

الله به فرمائي ٿو ته مون کي قرض ڏيو، مان توهان کي وڌائي چاڙهي واپس ڪندس.

## جواب:

الله کي ڏنو ويندڙ قرض ۽ ٻانهن کي ڏنو ويندڙ قرض ۾ اهو فرق آهي ته ٻانهو محتاج ۽ ضرورتمند هوندو آهي، جڏهن ته الله هر قسم جي گهرج ۽ ضرورت کان پاڪ آهي. الله پنهنجي لاءِ قرض جي اصطلاح اهڙ ٻانهن جي همت وڌائڻ لاءِ استعمال ڪئي آهي. جيڪي الله جي رضا لاءِ ه

جي راهہ ۾ انفاق ڪن ٿا. اصل ۾ الله ورياج خوري کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻانهن کي حڪم ڏئي ٿو تہ واڌو سرمايو وياج تي قرض ڏيڻ کان الله جي راهہ ۾ خرچ ڪريو. جيڪو ائين ڪندو اهو انساني نسل لاءِ رحمت ڪندو. انڪري الله ان خرچ کي پنهنجي ذمي قرار ڏئي چئي تہ يقين ڏياري ٿو تہ هو قيامت جي ڏينهن ان کي وڌائي چاڙهي واپس ڪندو. الله جي ان واعدي سان ڪنهن بہ انسان تي ظلم نہ ٿيندو جڏهن تہ دنيا ۾ جيڪي ماڻهو وياج وٺن ٿا اهو حقيقت ۾ انساني نسل تي ظلم ڪري رهيا هوندا آهن.

## ڇهون اعتراض:

ربا جي فيصلي کي حڪومتي مشينري جي ذريعي نافذ ڪرڻ نبي ﷺ جي سنت جي خلاف آهي.

## جواب:

مفتي محمد شفيع صاحب رحہ معارف القرآن ۾ لکيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ آخري حج جي خطبي ۾ وياج جي حرمت جي قانون کي رائج ڪندي فرمايو اهو قانون پوري انسانيت جي تعمير ۽ سڌاري ۽ اصلاح ۽ ڀلائي جي لاءِ آهي. انڪري اهو مسلمانن سان گڏ غير مسلمانن تي پڻ لاڳو ٿئي ٿو. پاڻ سڳورن ﷺ فوري طور پنهنجي چاچي حضرت عباس رضہ جي وياج کي ختم ڪرڻ جو اعلان فرمايو. ان ڪري اهو چوڻ درست نہ آهي تہ وياج کان منع ڪرڻ لاءِ رياستي مشينري جو استعمال سنت جي خلاف آهي.

مولانا سيد ابو الاعليٰ مودودي صاحب رحہ تفهيم القرآن ۾ بيان فرمايو آهي تہ سورة البقرهہ جي آيت 279 جي نازل ٿيڻ کان پوءِ اسلامي حڪومت جي دائري ۾ وياج جو ڪاروبار هڪ فوجداري ڏوهہ بڻجي ويو. جيڪي عرب جا قبيلا وياج ڪائيندا هئا، انهن کي نبي ﷺ آگاهہ ڪيو تہ جيڪڏهن هاڻي هو ان ڏيتي ليتي کان باز نہ آيا تہ انهن جي خلاف جنگ ڪئي ويندي. نجران جي عيسائين کي جڏهن اسلامي حڪومت هيٺ اندروني خود مختياري ڏني وئي تہ ناهہ ۾ ڄاڻايو ويو تہ جيڪڏهن اوهان وياج تي ڪاروبار ڪندا تہ ناهہ منسوخ ٿي ويندو ۽ اسان ۽ توهان جي وچ ۾ جنگ ـ ي حالت قائم ٿي ويندي. پاڻ سڳورن ﷺ جڏهن طائف جي رهواسين

سان امن جو ناهہ ڪيو تہ ان ۾ وياج جي ڏيتي ليتي جي خاتمي جو شرط لڳايو. حضرت عبدالله بن عباس رضہ جي چوڻي آهي تہ جيڪو شخص اسلامي ملڪ ۾ وياج ڇڏڻ تي تيار نہ هجي تہ وقت جي خليفي جي ذميواري آهي تہ هو هن کان توبهہ ڪرائي ۽ باز نہ اچڻ جي صورت ۾ هن کي ماري ڇڏي (ابن ڪثير).

## ستون اعتراض:

نبي صہ جي زماني ۽ اسان جي زماني جي وياج ۾ فرق آهي. ان زماني ۾ واپاري وياج نہ هو.

## جواب:

اسلام جڏهن ڪنهن شيءِ کي حرام قرار ڏئي ٿو تہ ان جي مڙني شڪلين کي حرام قرار ڏئي ٿو جيڪي مستقبل ۾ پيش اچي سگهن ٿيون. انڪري ڇا شراب جي نون قسمن، جوا جا نوان طريقا، فحاشي جي نين شڪلين ۽ سؤرن جي نين قسمن کي رڳو ان بنياد تي جائز قرار ڏئي سگهجي ٿو تہ نبي صہ جي زماني ۾ اهي موجود نہ هئا. طائف جي علائقي ۾ اهو ڪاروبار وڏي پئماني تي ٿيندو هو. نبي ڪريم صہ جي نبوت جي ظاهر ٿيڻ کان پهريائين حضرت عباس بن عبدالمطلب، حضرت خالد بن وليد ۽ حضرت عثمان رضي الله عنهم وياج تي ڪاروبار قرض ڏيندا هئا.

## اٺون اعتراض:

پاڻ ۾ رضامندي جي بنياد تي وياج جي ڏيتي ليتي منع نہ آهي.

## جواب:

قرضدار يا قرض ڏيندڙ چاهي ڪهڙي معاملي تي (چاهي ان ۾ هڪ ڌر کي نفعي جي ضمانت هجي ۽ ٻين جي لاءِ اهڙي ڪا ضمانت نہ هجي) جيڪڏهن پاڻ ۾ رضامند ٿي وڃن تہ بہ اها رضامندي وياج جي ڏيتي ليتي کي جائز قرار نٿو ڏئي سگهجي. پاڻ ۾ رضامندي اسلام ۾ ڪنهن شيءِ

جي حلال ۽ حرام هئڻ جو معيار نہ آهي. ڇا ٻن فردن جو پاڻ ۾ راضي ٿيڻ تي هر جنس پرستي يا زنا کي جائز قرار ڏئي سگهجي ٿو؟

## نائون اعتراض:

قرض جي ادائيگي ۾ وڌيڪ مهلت جي عيوض حاصل ٿيندڙ اضافو ربا آهي.

## جواب:

اها ربا جي پاڻ گهڙيل وصف آهي تہ "قرض جي ادائيگي ۾ وڌيڪ مهلت جي عيوض حاصل ٿيندڙ اضافو ربا سڏائي ٿو." قرض تي حاصل ٿيندڙ کو بہ اضافو ربا آهي ۽ ان جو مهلت سان کو تعلق نہ آهي. سورة البقره آيت 279 ۾ فرمايو ويو وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ " يعني جيڪڏهن توهان وياج کان توبہ ڪريو تہ توهان جي رڳو اصل رقم آهي. ان کان اڳ نبي ڪريم صہ جو ارشاد نقل ڪيو ويو آهي تہ:

(قرض تي حاصل ڪيل اضافو ربا آهي).

ان حديث مبارڪ صہ جي روشني ۾ فقيهن ربا جي هيٺين وصف بيان ڪئي آهي:

" هُوَ الْقَرْضُ الْمَشْرُوْطُ فِيْهِ الْاَجَلُ
وَ زِيَادَةُ مَالٍ عَلَى الْمُسْتَقْرِضِ"

اهڙو قرض جيڪو ڪنهن مدت جي لاءِ ان شرط تي ڏنو وڃي تہ مقروض ان کي اصل مال ۾ اضافو ڪري ادا ڪندو (امام حصاص في احڪام القرآن)

## ڏهون اعتراض:

ربا جي باري ۾ شرعي عدالت جو فيصلو عمل جوڳو نہ آهي ۽ اهو ملڪ ۾ انارڪي پيدا ڪندو.

جواب:

اها ڳالهہ واضح ٿي چڪي آهي تہ وفاقي شرعي عدالت جو ربا جي حوالي سان فيصلو قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ شريعت جي مطابق آهي. اهو چوڻ تہ شريعت جي مطابق فيصلو نافذ ڪرڻ عمل جوڳو نہ آهي، شريعت تي عدم اعتماد ۽ ڪفر وارو ڪلمو آهي. سورة آل عمران آيت: 130 ۾ وياج جي حرمت بيان ڪرڻ کان پوءِ اڳين آيت ۾ وياج جي حرمت جو حڪم نہ مڃيندڙن کي ڪافر چيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ قرآن جو مشهور مفسر امام قرطبي رحہ جو قول آهي. "وياج کي حلال سمجهندڙ مرتد ۽ رڳو ونڻ وارو اسلامي حڪومت جا باغي آهن." انڪري وياج جي خاتمي جي متعلق قرآن ۽ حديث جي حڪمن کي ناقابل عمل چوڻ نہ رڳو ڪفر آهي پر انسانن جي طرفان الله ۽ ان جي رسول سان جنگ جاري رکڻ جو اعلان آهي.

وياج جي خاتمي سان ملڪ ۾ انارڪي پيدا نہ ٿيندي پر الله جي حڪمن جي نافذ ٿيڻ سان زمين ۽ آسمان مان الله جون رحمتون ۽ برڪتون ظاهر ٿينديون (المائده آيت 66) پاڪستان ۾ مسلمانن جي اڪثريت جي بي عملي جو ڪارڻ دين جي حڪمن کان بغاوت نہ پر لاعلمي ۽ غفلت آهي. جيڪڏهن تسلسل سان ميڊيا جا سڀ ذريعا وياج جي حرمت، دنيا ۾ وياج سبب ظاهر ٿيڻ واريون خباثتون ۽ آخرت ۾ ان گناهہ جي بري سزا کان آگاهہ ڪندو رهجي تہ لازمي طور ماڻهن جي ديني غيرت بيدار ٿيندي ۽ اهي گناهہ کان بچڻ جو مضبوط عزم ڪندا.

وياج جي خاتمي سان ملڪ ۾ انارڪي پيدا نہ ٿيندي پر مختلف قسمن جا مسئلا حل ٿيندا. مثال طور وفاقي بجيٽ 2002 – 2003 سال ۾ ملڪ اندر وياج جي ادائيگي لاءِ 191.8 ارب روپيا مخصوص ڪيا ويا جيڪي ڪل بجيٽ جو 25.8 سيڪڙو آهي. جيڪڏهن وياج جي ڏيتي ليتي کي ختم ڪيو وڃي اسان ڪيتري وڏي قرض جي بار کان آزاد ٿي ويندا سين ۽ بجيٽ جو 162 ارب روپين جو خسارو ختم ٿي ويندو پر اضافي رقم بہ موجود هوندي.

### يارهون اعتراض:

عَالِمَ متبادل جي طور تي وياج کان پاڪ معيشت جو نظام قائم ڪري ڏيکارين.

### جواب:

وياج کان پاڪ معيشت جي نظام قائم ڪرڻ لاءِ گذريل سالن ۾ پاڪستان جي حڪومت جي نگراني هيٺ ڪيترين ئي ڪميٽيون قائم ڪيون ويون جن جي تيار ڪيل رپورٽون حڪومت وٽ موجود آهن. انهن ڪميٽين ۾ عالم ۽ معيشت جا ماهر شامل هئا. انڪري نظري سطح تي عالمن ۽ ماهرن وياج کان پاڪ معيشت جي نظام قائم ڪرڻ لاءِ حڪومت کي رهنمائي مهيا ڪري ڇڏي آهي.

جيستائين وياج کان پاڪ معيشت جي نظام کي عملي طور نافذ ڪرڻ جو تعلق آهي تہ اهو ڪم حڪومت جي نگراني هيٺ قائم ڪري سگهجي ٿو. ان جا هيٺيان ڪارڻ آهن.

(i) جيڪڏهن سرڪاري سرپرستي ۾ وياج جو نظام جاري رهي ۽ غير سرڪاري طور تي وياج کان پاڪ معيشت جي نظام کي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ اهو تجربو ناڪام ٿي ويندو. وياج کان پاڪ معيشت ۾ نفعي سان گڏ نقصان جو انديشو بہ هوندو آهي. ان ڪري عوام جي اڪثريت جي سرمايي جو رخ وياج جي معيشت طرح هوندو ۽ غير سرڪاري طور تي قائم ٿيندڙ وياج کان پاڪ نظام ناڪام ٿي ويندو.

(ii) عوام جي اڪثريت سرڪاري نگراني ۾ قائم نظام تي پنهنجي سرمايي جي حفاظت جي لحاظ کان وڌيڪ اعتماد ڪندي آهي. غير سرڪاري مالياتي ڪمپنين ماضي ۾ عوام جي اعتماد کي شديد ڌڪ ڏنو آهي. ان ڪري هاڻي غير سرڪاري طور تي ڪنهن مالياتي نظام کي هلائڻ تقريباً نا ممڪن آهي.

iii) حڪومت جي ئي اختيار ۾ اهي سڀ وسيلا ۽ ذريعا آهن جن جي ذريعي خيانت ۽ ڌوڪي جي ڪوشش کي روڪي سگهجي ٿو ۽ انهن ڏوهن جو ارتڪاب ڪرڻ وارن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سزا ڏئي سگهجي ٿي.

iv) قرآن ۽ سنت جي لحاظ کان وياج جي روڪٿام هر مسلمان تي فرض آهي. ان ڪري حڪومت ان جي ذميواري رڳو عالمن تي نٿي وجهي سگهي. پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 37 پاڪستان جي حڪومت کي پابند ڪري ٿي ته اها جلد ۾ جلد ملڪ جي معيشت کي وياج کان پاڪ ڪري. جڏهن ملڪ ۾ ٻيا سڀ اجتماعي نظام حڪومت جي نگراني ۾ هلي رهيا آهن ته اسلامي جمهوري پاڪستان جي حڪومت جي ذميواري آهي ته اها ملڪ ۾ وياج کان پاڪ معيشت جو نظام قائم ڪري.

## ٻارهون اعتراض:

جيستائين سماج اسلامي نه ٿيندو، معيشت مان وياج جو خاتمو ممڪن نه آهي.

## جواب:

اهو چوڻ درست آهي ته شريعت جي حڪمن تي عمل، چاهي ان جو تعلق زندگي جي ڪنهن به شعبي سان هجي، تقويٰ کان سواءِ ممڪن نه آهي. ان ڪري قرآن ڪريم ۾ جڏهن به شرعي حڪمن جو بيان ٿئي ٿو ته گڏ تقويٰ جي نصيحت ڪئي وڃي ٿي. پر سماج کي اسلامي بنائڻ ۽ فردن ۾ تقويٰ پيدا ڪرڻ جي پهرين ذميواري حڪومت جي آهي. سوره حج آيت 41 ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آهي:

”جيڪڏهن اسان انهن (ايمان وارن) کي زمين ۾ حڪومت عطا ڪريون ته اهي نماز قائم ڪندا، زڪوات ادا ڪندا، نيڪ ڪمن جو حڪم ڏيندا ۽ برن ڪمن کان روڪيندا.“

جڏهن حڪومت ئي ميڊيا جي ذريعي بي حيائي ۽ حرام خوري جي طرف ڪشش ڪندڙ نين نين اسڪيمن جي مشهوري ڪري رهي هجي تہ فردن ۾ تقويٰ ڪيئن پيدا ٿيندي. اسان جي ملڪ جي اڪثريت دين جي دشمن ۽ باغي نہ آهي پر ان جي بي عملي اڻ ڄاڻائي جو نتيجو آهي. جيڪڏهن ميڊيا جا سڀ ذريعا ماڻهن کي قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ شرعي حڪمن، انهن تي عمل جي اهميت ۽ انهن جي ڀڃڪڙي جي نقصانن کان آگاهہ ڪيو وڃي تہ لازمي طور سماج ۾ خدا جو خوف ۽ دينداري پيدا ٿيندي ۽ معيشت سوڌو هر شعبي ۾ شريعت جي راهہ هموار ٿيندي.

## تيرهون اعتراض:

وياج اصل ۾ Inflation جي سبب روپي جي قدر (Value) ۾ ڪمي جي پورائي جو ذريعو آهي.

## جواب:

اصل ۾ Inflation جو بنيادي سبب وياج ئي آهي. جيئن گذريل سٽن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ وياج جي سبب قيمتن ۾ اضافو ۽ ماڻهن جي خريد جي سگهہ ۾ گهٽتائي اچي ٿي. پوءِ اهو وياج ئي آهي جيڪو سيڙپڪاري جي همت گهٽتائي ڪري شين جي پيداوار (Production) ۾ گهٽتائي ڪري ٿو ۽ شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي. انڪري وياج جي خاتمي ڪانسواءِ (Inflation) جو مسئلو حل ٿي نٿو سگهي.

ڪجهہ ماهرن جي راءِ هئي تہ عام اضافي (General Indexation) جي ذريعي Inflation جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو. ليڪن اها ڳالهہ بہ دلچسپي کان خالي نہ هوندي تہ جن ملڪن ۾ Inflation جو علاج عام اضافي ۾ ڳولهيو ويو انهن کي ڪاميابي تہ نہ ملي مگر Inflation ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو.

اها ڳالهہ غور لائق آهي تہ Inflation رڳو قرض ڪٽندڙ کي متاثر نٿو ڪري پر سماج جي ٻين فردن کي بہ متاثر ڪري ٿو. سماجي عدل جي تقاضا آهي تہ سڀني متاثر ٿيندڙن کي تحفظ ڏنو وڃي. ليڪن اعتراض ڪندڙ رڳو وياج کائيندڙ سرمائيدارن جي مفادن جو ڊنڍورو ڪن ٿا. اها

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا Inflation مقروض جي ڪنهن عمل سبب پيدا ٿئي ٿو تہ وياج وٺي ان کي ئي سزا ڏني وڃي؟

روپئي جي قدر ۾ ڪمي جو سهارو وٺي جيڪي ماڻهو وياج ڪائڻ جو سبب مهيا ڪن ٿا ڇا اهي ان ڳالهہ تي راضي ٿيندا تہ قرضدار کان گهٽ رقم وصول ڪن؟ وياج کانسواءِ قرض ڏيڻ اسان جي دين ۾ هڪ نيڪي آهي ۽ جيڪڏهن روپئي جي قدر ۾ ڪمي جي سبب قرض ڪٽندڙ کي نقصان ٿئي ٿو تہ آخرت ۾ ان جو اجر ملندو. پر جيڪڏهن قرض ڪٽندڙ روپئي جي قدر ۾ ڪمي جي نقصان کان بچڻ چاهيندو هجي تہ ان جو حل اهو آهي تہ قرض روپئي جي بدران ڪنهن جنس مثال طور سون يا چاندي جي صورت ۾ ڏنو وڃي.

انجمن خُدام القرآن سنڌ ڪراچي
جي قائم ڪرڻ جو مقصد
ڪامل ايمان ـــــ ۽ ـــــ يقين جي سرچشمي
قرآن حڪيم
جي علم ۽ حڪمت جي
وڏي پيماني ـــــ ۽ ـــــ اعليٰ علمي سطح
تي مشهوري ۽ اشاعت آهي
تہ جيئن مسلم امت جي فهم وارن عناصرن ۾
ايمان جي تجديد جي هڪ عمومي تحريڪ پيدا ٿي وڃي
۽ اهڙي طرح
اسلامي جي ٻيهر جياپي ـــــ ۽ ـــــ حق جي دين جي
غالب اچڻ
جي ٻئي دور جي راهہ هموار ٿي سگهي

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ